# عيب لڪايو جنت ماڻيو

سنڌي




شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

مُحَمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي

دامت برڪاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

**ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:**

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: عيب لڪايو جنت ماڻيو

ڇاپو پهريون: ربيع الغوث 1443هـ نومبر 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جي ڪتاب ”غيبت جو تباهه ڪاريون“ مان ورتل رسالو

# عيب لڪايو جنت ماڻيو

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

عيب لڪايو جنت ماٽيو ........................................ 3
دعاءِ عطار: ................................................ 3
درود شريف جي فضيلت ........................................ 3
جيڪو پنهنجن عيبن کي سچاٽي وٺي ٿو ........................... 3
ڪنهن جا عيب نہ ڳولهيو ........................................ 4
الله پاڪ عيب ڍڪيندو ........................................ 4
عيب لڪايو جنت ماٽيو ........................................ 5
جهنم ۾ رڙيون پيا ڪندا! ........................................ 5
غيبت ايمان ۾ فساد پيدا ڪندي آهي ........................... 6
هڪ نئين مسلمان جي دردناڪ ڪهاڻي ........................... 7
غيبت کان توبہ جو طريقو ........................................ 15
پاڻهي کان معافي بہ گهري ........................................ 16
توبہ کان پوءِ جنهن جي غيبت ڪئي هُئي، جيڪڏهن اُن کي خبر پئجي وئي تہ؟ ........ 17
جنهن جي غيبت ڪئي وئي ان کي خبر پئي .......... پوءِ مري ويو .. 18
هاءِ نفس جي شامت ........................................ 18
دنيا ۾ ئي معاف ڪرائڻ ۾ عافيت آهي ........................... 19
بهتان جي تعريف ........................................ 19
بهتان کان توبه جو طريقو ........................................ 20
بهتان جو عذاب ........................................ 21
گناه جي الزام جو عذاب ........................................ 21
شڪي عادت وارن کي تنبيه ........................................ 21
عورت تي تهمت لڳائڻ جي تباهي ........................... 22

هڪبِئي کي غيبت کان بچائڻ جو طريقو ........................ 23
ڪنهن کي ڪاري رنگ جو چوڻ بہ غيبت آهي........................ 23
شرم کي ڇڏي جلد توبہ ڪرڻ گهرجي........................ 24
گناه ٿيندي ئي جلد توبه ڪرڻ واجب آهي ........................ 25
ڪنهن جي ڳاله غيبت نہ هئي پر اوهان غيبت چئي ورتي تہ ؟ ......... 25
جهيڙي کان بچڻ جي فضيلت ........................ 26
اَستَغفِرُالله جي فضيلت ........................ 26
توبہ جا ٽي رڪن ........................ 27
سيئي غيبت کان بچڻ جي ترڪيب ڪن ........................ 27
دُعاءِ عطار ........................ 28

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# عيب لڪايو جنت ماڻيو

## دعاءِ عطار:

ياربّ المصطفيٰ! جيڪو مڪمل رسالو ”عيب لڪايو جنت ڪمايو“ پڙهي يا ٻُڌي وني، اُن کي ماڻهن جا عيب لڪائڻ وارو بڻاءِ، دنيا ۽ آخرت ۾ اُن جي عيب پوشي فرماءِ ۽ اُن کي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِين بِجاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرت ابودَرداء رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته پياري پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جيڪو شخص صبح ۽ شام مون تي ڏهه ڏهه ڀيرا درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ان تائين پهچندي.“ (الترغيب والترهيب، 261/1، حديث: 29)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جيڪو پنهنجن عيبن کي سڃاڻي وٺي ٿو

حضرت **سيّدتُنا** رابعه عَدَوِيَه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهَا فرمائن ٿيون: ٻانهو جڏهن **الله** ربُّ العزت جي محبت جو مزو چکي وٺي ٿو ته **الله پاڪ** ان کي خود پنهنجي عَيبن تي باخبر فرمائيندو آهي، بس ان ڪري اهو ٻين جي عيبن ۾ مصروف (يعني ڳولها ۾) ناهي رهندو. (بلڪ پنهنجن عيبن جي اصلاح ڏانهن ڌيان ڏيندو آهي.) (تَنبِيہ المُغتَرِين ص 197)

## ڪنهن جا عيب نہ ڳولهيو

**غمزدن جا غم دور ڪرڻ واري خوش اخلاق آقا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمان آهي:** اي اهي انسانو جن زبان سان ايمان آندو ۽ ايمان انهن جي دلين ۾ داخل ناهي ٿيو، مسلمانن جي **غيبت** نہ ڪريو ۽ انهن جي لِڪل ڳالهين کي نہ ڳولهيو، ان ڪري جو جيڪو شخص پنهنجي **مسلمان ڀاءُ** جي لڪل ڳالهين جي ڳولها ڪندو ان جا عيب **الله پاڪ** ظاهر ڪندو ۽ **الله** پاڪ جنهن جا عيب ظاهر ڪندو ان کي خوار ڪندو آهي، جيتوڻيڪ هو پنهنجي گهر جي اندر هجي.

(سُنَنِ ابي داود ج 4 ص 354 حديث 4880)

**اي عاشقانِ رسول!** ڪنهن مسلمان جي عيبن جي ڳولها ۾ نہ لڳڻ گهرجي، ربِّ ڪائنات سيپاري 26 **سُورَةُ الحُجُرات** آيت نمبر 12 ۾ ارشاد فرمائي ٿو: وَلَا تَجَسَّسُوْا **ترجمو ڪنز الايمان**: ۽ عيب نہ ڳوليو. صدرُالأفاضل **حضرت** علامہ مولانا سيِّد محمّد نُعِيمُ الدِّين مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: يعني مسلمانن جي عيب جوئي نہ ڪيو ۽ انهن جي لڪل حال جي جُستجُو ۾ نہ رهو جنهن کي **الله** پاڪ پنهنجي سَتَّاري سان لڪايو آهي. (خَزائنُ العرفان ص 863)

## الله پاڪ عيب ڍڪيندو

**حضرت سيّدنا عبدالله** ابن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ پنهنجي رب کان اسان گنهگارن کي بخشرائڻ واري پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هڪ مسلمان ٻئي مسلمان جو ڀاءُ آهي، نہ ان تي ظلم ڪندو آهي ۽ نہ ان کي بي سهارو ڇڏيندو آهي ۽ جيڪو

پنهنجي ڀاءُ جي **حاجت پوري** ڪري **الله** پاڪ ان جي حاجت پوري ڪندو ۽ جيڪو ڪنهن مسلمان جي تڪليف پري ڪري **الله پاڪ** قِيامت جي ڏينهن ان جون تڪليفون پري ڪندو ۽ جيڪو ڪنهن مسلمان جا عيب ڍڪي **خداءِ سَتَّار** قيامت جي ڏينهن ان جا عيب ڍڪيندو. (مسلم، ص 1394، حديث: 6580)

## عيب لڪايو جنت ماڻيو

**حضرت سيّدنا** اَبُوسعيد خُدري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ دو جهان، مديني جي سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جيڪو شخص پنهنجي ڀاءُ جو عيب ڏسي ان جي پرده پوشي ڪري (يعني عيب ڍڪي) تہ اهو جنّت ۾ داخل ڪيو ويندو. (مُسنَد عَبد بن حُمَيد ص 279 حديث 885)

## جهنم ۾ رڙيون پيا ڪندا!

**اي عاشقانِ رسول**! سُبحَانَ الله! عيب پوشي جي فَضِيلت ۽ اَهمِّيت جي ڇا ڳالهہ ڪجي! جيڪا شيء آخرت جي لاءِ جيتري اهم هوندي، شيطان اوترو ان جي پويان لڳندو ان ڪري مسلمان کي مسلمان جي **عيب ڍڪڻ** کان روڪڻ جو پورو زور لڳائيندو آهي ۽ حالت ايتري تائين پهتي آهي جو اڄڪلهہ مسلمانن جي اَڪثرِيّت مسلمانن جي عيب کولڻ ۽ **غيبتن** ۾ مشغول آهي ۽ گهٽو ڪري ڪير ڪنهن جي خامي لڪائڻ جي لاءِ تيار ئي ناهي، بلاتڪلُّف بلڪ ڪڏهن ڪڏهن تہ فخر سان ٻين جي سامهون بيان ڪري ڇڏيندا آهن ۽ انهن مان جيڪڏهن ڪنهن ٻئي جو **عيب** لڪائي بہ ورتو تہ صرف عارضي

طور تي، جيئن ئي ڪجهه ناراضگي ٿي ته جيترا به **عيب** لڪائي رکيا هئا اهي سڀ ئي يڪدم ظاهر ڪري ويهندو آهي. افسوس! خوفِ آخرت ئي ختم ٿي ويو آهي، يقيناً جهنم جي سزا سهي نه سگهبي . **حضرت سيّدنا عِيسيٰ روحُ الله** عَلَيهِ السَّلَام فرمائن ٿا: **ڪيترائي صِحتمند بدن**، خوبصورت چهرا، ۽ منو ڳالهائيندڙ زبانون سياڻي جهنم جي طبقن ۾ رڙيون پيون ڪنديون! (مُڪاشفة القلوب ص 152)

اوروں کے عیب چھوڑ نظر خوبیوں پہ رکھ
عیبوں کی اپنے بھائی مگر خوب رکھ پرکھ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَى الله ! اَسْتَغْفِرُ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غيبت ايمان ۾ فساد پيدا ڪندي آهي

**حضرت سيّدنا** حَسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ارشاد فرمائن ٿا: ”**غيبت** مومن ٻانهي جي ايمان ۾ ان کان به وڌيڪ جلدي فساد پيدا ڪندي آهي جيتري جلدي آڪِلہ نالي بيماري ان جي جسم کي خراب ڪندي آهي.“ (آڪلہ پاسي ۾ ٿيڻ واري ان ڳوڙي کي چئبو آهي جنهن سان گوشت ۽ کل سڪي ويندي آهي ۽ پوءِ گوشت ڳرڻ لڳندو آهي) وڌيڪ فرمائيندا ها: اي ابن آدم! تون ان وقت تائين **ايمان** جي حقيقت کي حاصل نٿو ڪري سگهين جيستائين ماڻهن جا عيب ڳولهڻ بند نه ڪرين، جيڪي عيب توهان جي پنهنجي اندر آهن، توهان انهن جي اصلاح شروع ڪريو ۽ انهن عيبن کي پاڻ کان پري ڪريو، بس جڏهن

توهان ائين ڪندؤ تہ اها شيءِ توهان کي پنهنجي ذات ۾ مَصروف ڪري ڇڏيندي ۽ **الله پاڪ** وٽ اهڙي قسم جو ٻانهو سڀ کان وڌيڪ پسنديده آهي. (ذَمُّ الغِيبَة لِابن اَبِي الدُّنيا ص 93، 97، رقم 54، 60).

## هڪ نئين مسلمان جي دردناڪ ڪهاڻي

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اَلحَمدُلِلّٰه عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** اهلِ حق جي سنّتن ڀري تحريڪ آهي ان جا عقيدا عين **قرآن ۽ سنّت** مطابق آهن، ان سان هر دم وابستہ رهو، اِن شَآءَالله الڪريم عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان ايمان جي حفاظت جو جذبو، نيڪين جي طرف لاڙو ۽ **غيبتن** وغيره گناهن کان نفرت جي سعادت حاصل ٿيندي. هر حالت ۾ ايمان جي حفاظت ضروري آهي جيڪڏهن ايمان تي خاتمو نہ ٿيو تہ عبادت ڪجھ بہ ڪم نہ ڏيندي. **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: اِنَّمَا الاَعْمَالُ بِالْخَوَاتِيْم يعني عملن جو دارومدار خاتمي تي آهي. (صحيح بخارى، 274/4، حديث: 6607) ڪٿي ڪيتري ئي وڏي آفت اچي وڃي، پر ايمان ۾ ڪا گهٽتائي نہ اچي، هن سِلسِلي ۾ هڪ نئين مسلمان جي دردناڪ **ڪهاڻي** ٻڌڻ وڃان آهي.

جيئن تہ **دهلي** (هند) جي علائقي سَلِيم پُور جي رهائشي 22 سالن جي نوجوان جو اسلام قبول ڪرڻ جو واقعو ڪجھ هيئن آهي: هو هڪ **غير مسلم خاندان** سان تعلُّق رکندو هو. سندس والد صاحب جي خواهش هئي تہ هُو ڊاڪٽر ٿئي، ان سلسلي ۾ انهن سندن کي 1994ع ۾ پنهنجي دوست ڊاڪٽر جي اسپتال موڪلي ڇڏيو. اهو **غير**

**مسلم ڊاڪٽر** مسلمانن سان ايتري قدر نُفرت ڪندو هو جو انهن جي هٿ لڳل شيءِ کي بہ ڪائڻ پسند نہ ڪندو هو. اُن جي بہ اها عادت بڻجي وئي جو سڄو ڏينهن اُجايل رهندو هو، پر مسلمانن جي هٿان پاڻي بہ پيئڻ منظور نہ هو، ڪيترائي سال ائين گُذري ويا، هڪ ڏينهن **سَبز عِمامو** پاتل هڪ اسلامي ڀاءُ اکين جي آپريشن جي لاءِ اتي آيو، ان جي زبان ۽ نگاهہ جي **حفاظت** جو انداز ۽ **حُسنِ اَخلاق** ڏسي ڪري آهستہ آهستہ ان جي ويجهو ٿي ويو. اهو ان تي وقت بوقت **اِنفرادي ڪوشش** ڪندو هو، ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ اهو اسپتال مان هليو ويو پر اُن جو ان سان رابطو رهيو ۽ اهو ان وٽ ايندو رهيو. **ان اسلامي ڀاءُ وٽ هڪ** وڏو ڪتاب هو جنهن جو نالو **فيضانِ سنت** هو. جڏهن اهو چوڪ وغيره تي درس ڏيندو هو تہ اِنفرادي ڪوشش ڪندي ان کي بہ درس ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪندو هو، اهو ٻڌڻ جي لاءِ ويهي رهندو هو. **فيضانِ سنت** جي درس جي برڪت سان ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ سندس دل دينِ اسلام جي لاءِ نفرت بدران محبت محسوس ڪرڻ لڳي. هاڻي هُو مسلمانن سان گڏ ڪائيندو پيئندو بہ هو ۽ مَسجدن ۽ آذان وغيره جو اِحترام ڪندو هو. 2004ع ۾ هڪ ڏينهن عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل رسالي ”*غسل کا طريقہ*“ پڙهيو، پر صحيح طريقي سان سمجهي نہ سگهيو، ان اسلامي ڀاءُ کان پڇيو تہ ان ڪيس رسالي جي مدد سان تفصيلي طَهارت جا مسئلا سمجهايا ۽ فرمايو تہ حقيقي پاڪائي مسلمان ٿيڻ ڪانسواءِ حاصل نٿي ٿي سگهي، اهو وقت سندس سَعادتن جي

مِعراج جو هو، ان جي لفظن سندن زندگيءَ جو رُخ تبديل ڪري ڇڏيو. ان ڪجھ دير سوچيو ۽ پوءِ ”ڪَلِمو شريف“ پڙھي اسلام جي دائري ۾ داخل ٿي ويو. ڪفر جون اونداهيون ختم ٿي ويون ۽ سندس دل اسلام جي نور سان چمڪڻ لڳي .

هُو عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن ڀريي اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪرڻ لڳو ۽ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مريد ٿي ڪري سلسله عاليه قادريه رَضَويه ۾ داخل ٿي ويو ۽ باجماعت نماز پڙھڻ لڳو. ڪڏھن ڪڏھن شيطان مذهبِ اسلام جي باري ۾ اُن کي وسوسا وجھندو هو. هڪ ڏينهن مڪتبة المدينہ جو رسالو ۔ پڙهيو تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰه ان جي وَسوَسن جي پاڙ ئي پٽجي وئي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه جولاءِ 2005 ع تي عاشقانِ رسول سان گڏ **مدني قافلي** ۾ سنّتن ڀريو سفر اختيار ڪيائين. ان کان اڳ ٿوري ٿوري ڳالھ تي گھر وارن سان ناراض ٿي ويندو هو، ڪاڏو طبيعت جي خلاف ملندو هو تہ گوڙ ڪندو هو. **مدني قافلي** جي سفر جي برڪت سان اها عادت بہ نڪري وئي. گھر وارا اُن جي هن تبديلي تي حيران ٿي ويا ۽ **مذهبِ اسلام کان مُتاثر** ٿي رهيا هئا. اُن ڏاڙھي شريف بہ رکي ڇڏي ۽ مٿي تي **سبز عمامو بہ ٻڌڻ لڳو**، پر گھر وڃڻ وقت لاهي ڇڏيندو هو. **ڪجھ ڏينهن** ڪانپوءِ ماڻھن اُن جي خلاف گھر وارن جو ذهن خراب ڪري ڇڏيو جنهن تي گھر ۾ سختي شروع ٿي وئي. هاڻي اُن کي ڳالھ ڳالھ تي دڙڪا ڏنا ويندا هئا بلڪ مارڻ کان بہ نہ مُڙندا هئا، اُن تنگ اچي ڪري گھر ڇڏي ڏنو، ڪجھ ئي ڏينهن

ڪانپوءِ ياءُ وغيره ٻهاني سان سڏرايو ۽ زبردستي **حَجَم** وٽ پڪڙي وٺي ويو، جڏهن انهن اُن حَجَم کي ٻڌايو تہ مان مسلمان ٿي چڪو آهيان تہ اهو ڊڄي ويو ۽ ان **ڏاڙهي ڪوڙڻ** کان انڪار ڪري ڇڏيو، منهنجا گهروارا بہ ڏاڙهي ڪوڙائڻ کان ڊڄي رهيا هئا، پر افسوس جو علمِ دين کان جاهل هڪ مسلمانَ گهر وارن کي چيو: "**ڏاڙهي رکڻ ضروري ناهي، اسان کي ڏسو! لکين مسلمان ڏاڙهي ڪٽي ٿا رکن!**" اهو ٻڌي ڪُفر جي اونداهين ۾ ڦاٿل گهر وارن جي دل وڏي ٿي وئي ۽ انهن سمهڻ دوران ڏاڙهي ڪوڙڻ شروع ڪئي. اُن جي اک کلي وئي، ڏاڙهيءَ کي بچائڻ جي ڪوشش ۾ اُن جو چهرو رتو رت ٿي ويو ۽ هُو روئي روئي ڪري انهن کي ان ڪم کان باز رهڻ جون **اِلتجَائون** ڪندو رهيو، پر انهن هن جي هڪ بہ نہ ٻڌي ۽ ڏاڙهي ڪوڙي پوءِ مڙيا. ڇهري ٿي وهندڙ رت سندن ڳوڙهن ۾ ملي ويو، انهن ايترو ڪرڻ باوجود بہ بس نہ ڪئي، بلڪہ ان کي هڪ ڪمري ۾ قيد ڪري ڇڏيو، جسم جي ڪپڙن کان سواءِ ان وٽ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو، ان جي نگراني ڪئي ويندي هئي پر هُو ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان لِڪِي نمازون پڙهي وٺندو هو. ننڊ جي قرباني ڏئي ڪري بہ پنهنجو وضو قائم رکندو هو. تہ جيئن موقعو ملڻ تي نماز ادا ڪري سگهي، ان جو ڪو بہ ساٿ ڏيڻ وارو ڪو نہ هو ۽ نہ ئي ڪو همدرد هو، جيڪو همدرديءَ جا ٻہ ٻول ٻڌائي اُن کي آٿت ڏئي ها. اندازي مطابق 2 مهينا اهڙيءَ طرح گذري ويا ايتري تائين جو رَمضانُ المُبَارڪ جو مُقدّس مهينو اچي ويو. افسوس! ان کي ڪير سَحري آڻي ڏئي! **رَمضَانُ المبارڪ** جو روزو ڇڏڻ ان کي پسند نہ هو

ان ڪري ان سَحري ڪائڻ ڪان بغير ئي روزو رکي ڇڏيو. شام تائين جڏهن ان ڪاڌو نہ ڪاڌو تہ گهروارن کي ڳڻتي ٿي پئي، اهي گڏ ٿي ڪري آيا ۽ ڪاڌي ڪائڻ لاءِ زور ڀريندا رهيا، ان چيو تہ”**رکي ڇڏيو مان ڪائي وٺندس**“ انهن جي وڃڻ ڪانپوءِ اُن وڏيڪ زور ڀرڻ ڪان بچڻ جي لاءِ بوڙ هڪ پاسي لڪائي رکي ڇڏيو ۽ مانيون ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيون، پر گهروارن کي ڪنهن طرح شڪ ٿي پيو ۽ انهن ڏينهن جي وقت **زبردستي ان کي ماني کارائي**، هُو دل ئي دل ۾ غم کندو رهيو پر مجبور هو، ائين هو پنج روزا رکي نہ سگهيو. **آخرڪار** ڪنهن سبب سان گهروارن جي طرفان ڪجھ نرمي ملي ۽ هو وري اسپتال وڃڻ لڳو ۽ هو سَحريءَ ڪان سواءِ روزي جي نيّت ڪندو هو ۽ ظاهر ۾ ٻنپهرن جو ڪاڌو گڏ ڪٽي ويندو هو ۽ شام جي وقت ان سان افطاري ڪندو هو، انهيءَ دوران ان اسلام قبول ڪرڻ جي متلعق قانوني ڪاغذ وغيره مڪمل بہ ڪرائي ڇڏيا ۽ گهر وارن کي خبر پوڻ نہ ڏني. هُو گهروارن ڪان لڪي جنهن مسجد ۾ نماز ادا ڪرڻ ويندو هو، اتان جي انتظاميہ ڊڄي ڪري ان کي منع ڪري ڇڏيو تہ اوهان هتي نہ ايندا ڪريو، ڪٿي ڪو فَساد نہ ٿي پئي، اُن جي دل کي ڏاڍو ڏک پهتو تہ مان مسلمان هوندي بہ حالتن جي بي رحمي جي ڪري مسجد ۾ داخل ٿيڻ ڪان روڪيو ويو آهيان، پر بيوس ۽ لاچار هو ويچارو ڇا ڪري سگهيو ٿئي! دعوتِ اسلامي جو مدني مرڪز اتان ڪان ڪافي پري هيو ۽ حالتن جي پيش نظر اُن پاڻ ئي اسلامي ڀائرن کي رابطو ڪرڻ ڪان منع ڪري ڇڏيو هو.

مسلسل جي پريشانين جي ڪري اُن جي دماغ تي بار رهڻ لڳو، اُن کي ڪو اهڙو همدرد ۽ غمخوار بہ نہ ملندو هو جنهن جي ڪنڌ تي مٿو رکي ڪري پنهنجا ڪجهہ لُڙڪَ وهائي، پنهنجي دل جو بار هلڪو ڪري، افسوس ! هُو بلڪل اڪيلو هو، اهڙي وقت ۾ ان کي نماز پڙهڻ ۾ وڏو سڪون ۽ حوصلو ملندو هو ۽ ان جي زبان تي **دُرُود شريف** جاري رهندو هو، پوءِ ان همت ڪري ٽي ڪلو ميٽر پري "**جَنتَا ڪالوني**" جي مسجد ۾ باجماعت نماز ادا ڪرڻ جي لاءِ وڃڻ شروع ڪيو، گهر وارا بيهر نرم ٿيڻ لڳا. هڪ ڏينهن پاڙي جي ڪنهن صرف نالي جي مسلمان گهر **وارن** کي اهو چئي انهن جو ذهن خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ "**اسان بہ آخر مسلمان آهيون، ڪهڙو روزانو نمازون ٿا پڙهون، صرف جُمعي يا عِيدَ جي نماز پڙهي وٺندا آهيون، لڳي ٿو تہ توهان جو پُٽ ڪنهن جِنَ کي قابو ڪرڻ جو عمل ڪري رهيو آهي، اهو پَاڳل ٿي ويندو پوءِ توهان کي خبر پوندي**" ان جون اهي ڳالهيون ٻڌي گهر وارا گهبرائجي ويا ۽ وري سختي شروع ڪئي، ايتري تائين جو **دُرُود شريف** وغيره پڙهڻ جي لاءِ ان جي چَپ چورڻ تي بہ پابندي لڳائي وئي گهروارا پڪڙي هڪ عامل وٽ وٺي ويا، ان چئي ڏنو تہ ان تي "**اثرات**" آهن .

**انهن** حالتن ۾ اهُو ڏاڍو مايوس ٿيو ۽ شايد هو وري ڪُفر جي اونداهين ۾ گم ٿي وڃي ها، پر الله پاڪ جو ڪرم شاملِ حال رهيو جو اَلحَمدُ لِلّٰه ان **دعوت اسلامي** جي ديني ماحول ۾ **عَاشِقَانِ رسول** جي زباني محبوبِ ربّ ذُوالجَلال صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ **حضرت سيّدنا** بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ تي ٿيندڙ ظلمن جا داستان ٻڌي رکيا ها، انهن ظلمن جي

سامهون هن جون تڪليفون ڪجهه به نه هيون، پنهنجي مڪي مدني آقاصَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي سخت آزمائشن** ۽ انهن آزمائشن تي ڪيل بي مثال صبر کي ياد ڪري سندس ايمان وڌيڪ مضبوط ٿيندو هو.

**هڪ ڏينهن** هُو لڪي ڪري **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن ڀريي اجتماع ۾ اچي پهتو، اطلاع ملڻ تي گهر وارا اچي پهتا ۽ ان کي اتان ڪان وٺي ويا. نه اُن کو ضد ڪيو ۽ نه ئي ڪنهن کي ڪرڻ ڏنو جو متان جهڳڙو ٿي پوي، گهر ڪٽي وجي ان کي ايترو ته ماريو جو هو بيهوش ٿي ويو، هوش اچڻ تي انهن گهر ڇڏڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو حالانڪ 3 ڏينهن اڳ ئي ان کي سرڪاري نوڪريءَ جو آرڊر مليو هو، جنهن جي لاءِ هُن سالن جا سال محنت ۽ ڪوشش ڪئي هئي، هاڻي هڪ پاسي ذاتي مڪان، پيءُ ماءُ ۽ روشن مُستَقبل ۽ ٻئي طرف ايمان جهڙي عظيم دولت! پر اُن **الله** پاڪ جي ڪرم سان ايمان جي حفاظت خاطر 21 مارچ 2007ع تي پنهنجي مرضيءَ سان هِجرت ڪئي ۽ پنهنجو گهر ڇڏي ڏنو .

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه اج هُو هندوستان جي مختلف شهرن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ قافلن ۾ سنّتن ڀريو سفر ڪري رهيو آهي ۽ گهر وارن جي سختي جي ڪري قضا ٿيل سيئي نمازون پڙهي چڪو آهي، اُن جي خواهش هئي ته مان به ڪڏهن نماز ۾ اِمامت جي سعادت حاصل ڪريان. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه **مدني قافلي** ۾ سفر جي برڪت سان ڪجهه سُورَتُون دُرست مَخَارج سان ياد ڪيائين ۽ نماز جا ضروري مسئلا سکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو . ان ڪري 13 اپريل 2007ع تي ان جي دل

جي تَمنا پوري ٿي ۽ ان کي هندوستان جي ”**جَهانِسي**“ نالي شهر ۾ فَجر جي جماعت جي اِمامت جي سعادت حاصل ٿي وئي. **اُن جو چوڻ آهي تہ دعوتِ اسلامي** تي منهنجي جان قربان جو ان ڪُفر جي **جهولي** ۾ پَلجندڙ کي نہ صرف ايمان جي دولت سان نوازيو پر اِمامت جي لاءِ مُصَلّي تي پڻ بيهاريو، هي سڀ منهنجي ربُّ العزت جي رحمت ۽ **تاجدارِ رسالت**صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عنايت سان آهي .

**اهو نئون** مسلمان اسلامي ڀاءُ دورانِ سفر ”**قَنّوج**“ شهر جي مسلمانن جي پاڙي ”**ڪاغزِياني**“ حاضر ٿيو ۽ اتان جي پراڻي مسجد جي سامهون وارو ميدان ماڻهن سان ڀريو پيو هو. ڪو تاس کيڏي رهيو هو تہ ڪو جؤا ۾ مصروف هو، عصر جي نماز کانپوءِ انهن ماڻهن وٽ وڃي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ حاضر ٿيو، اوچتو هڪ شخص انتهائي ڪاوڙ جي حالت ۾ اٿي بيهنو ۽ ان کي گنديون گاريون ڏيندي دڙڪا ڏيڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ وڃي ٻئي ڪنهن کي سمجهاءِ، اسانکي سمجهائڻ جي ضرورت ناهي، ايتري ۾ هڪ پوڙهي شخص ان کي چيو: ”**ان جي ڳالهہ تہ ٻڌو تہ ڇا ٿو چوي؟**“ تنهن تي ان نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪئي ۽ **دعوت اسلامي** جي مدني ماحول ۾ سکيل نماز پڙهڻ جون فضيلتون ۽ نہ پڙهڻ جون سزائون ٻڌايون. جڏهن محسوس ٿيو تہ لوهہ گرم ٿي چڪو آهي تہ ان چيو ” **جيڪي ڳالهيون مان اوهانکي ٻڌائي رهيو آهيان، اهي ڳالهيون تہ توهان کي ٻڌائڻ کپن، ڇو تہ مون کي اڃا ڪجهہ وقت ٿيو آهي جو تازو ئي اسلام قبول ڪيو آهي**“ پوءِ ان مختصر پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ ۽ ان دوران ايندڙ امتحانن جي واقعن کي ٻڌائڻ شروع ڪيو تہ اتي موجود ڪجهہ ماڻهو جذبات ۾ اچي

روئڻ لڳا، ايتري تائين جو ان ڪي ڳاريون ڏيندڙ شخص روئيندي چوڻ لڳو: بس ڪر نہ تہ منھنجو ساھ نڪري پوندو. ھاڻي اھي سڀ ماڻھو ان سان گڏ مسجد ۾ ھلڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا. عَصَر نماز ۾ اسان بہ نمازي ھئاسين، **پر حيرت انگيز طور تي مغرب جي نماز ۾ 3 صفون** ٿي ويون. ھڪ بزرگ فرمائڻ لڳو تہ " **مان انھن ماڻھن کي ڏسي ڏسي ڪراڙو ٿي ويو آھيان ۽ اڄ پھريون ڀيرو انھن کي مسجد ۾ ڏسي رھيو آھيان.**"

ڪافِروں کو چليں، مشرکوں کو چليں دعوتِ دين ديں، قافلے ميں چلو
ڪافر آ جائيں گے، راہِ حق پائيں گے اِن شاءَ الله چليں، قافلِے ميں چلو

(وسائلِ بخشش، ص 676)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غيبت کان توبہ جو طريقو

**الله پاڪ** جي بارگاھ ۾ نَدامت ۽ شرمساريءَ سان توبھ ۽ اِسۡتِغۡفَار ڪريو، جنھن جنھن جي **غيبت** ڪئي آھي ان جي لاءِ مَغفِرت جي دعا ڪريو. **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آھي: **غيبت** جي ڪَفّاري ۾ اھو آھي تہ جنھن جي **غيبت** ڪئي آھي، ان جي لاءِ اِستِغفَار ڪريو ۽ ھيئن چئو: اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لَنَا وَ لَهٗ يعني يا الله **پاڪ** اسان جي ۽ ان جي بخشش فرماءِ. (الدعوات الکبير للبيہقی، 294/2، حديث: 507) **جيڪڏھن** نالا ياد نہ رھيا ھجن تہ مشوري طور عرض آھي تہ ٿي سگھي تہ روزانو وقت بوقت ائين چئو: **يا الله پاڪ**! مون اڄ تائين جيترين بہ **غيبتون** ڪيون آھن انھن کان توبھ ڪريان ٿو. يا الله پاڪ ! منھنجي ۽ اڄ

ڏينهن تائين مون جن جن مسلمانن جي **غيبت** ڪئي آهي، انهن سيني جي پنهنجي مَحبُوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي مغفرت فرماءِ (ياد رهي ! توبهه جي قبوليت جي لاءِ اهو به شرط آهي ته ان گناهه کان دل ۾ بيزاريءَ ۽ آئنده نه ڪرڻ جو پڪو ارادو هجي )

ميری اور جن جن کی ميں نے کی ہے غيبت يا خدا    مغفِرت فرما دے فرما سب پہ رحمت يا خدا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پانهي کان معافي به گهري

جنهن جي "**غيبت**" ڪئي وئي ان کي جيڪڏهن خبر ناهي ته ان کان معافي وٺڻ ضروري ناهي. اللهُ غَفّار جي دربار ۾ توبهه ۽ اِستِغفار ڪريو ۽ دل ۾ پڪو ارادو ڪيو ته آئنده ڪڏهن به ڪنهن جي **غيبت** نه ڪندس. جيڪڏهن ان کي خبر آهي ته ان وٽ وڃي **غيبت** جي بدلي ان جي جائز تعريف ۽ ان سان محبت جو اظهار ڪيو، ته جيئن ان جي دل خوش ٿئي ۽ عاجزي سان عرض ڪيو ته مان جيڪا اوهان جي **غيبت** ڪئي آهي ان تي شرمسار آهيان ۽ مونکي معاف فرمايو. جيڪڏهن فرض ڪيو ته اهو معاف نه به ڪري ته ڏهن به اِن شَاءَ الله آخرت ۾ پُڇاڻو نه ٿيندو. ها جيڪڏهن رسمي طور تي (Sorry) چئي ڇڏيو) بنا اخلاص معافي گهري ۽ ان معاف ڪري به ڇڏيو ته ڏهن به آخرت ۾ پُڇاڻي جو خوف باقي رهندو. (بہار شريعت ، 181/3 حصّہ: 16)

صدقہ پيارے کی حيا کا کہ نہ لے مجھ سے حساب    بخش بے پوچھے لَجائے کو لَجانا کيا ہے
(حدائقِ بخشش، ص171)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# توبہ ڪان پوءِ جنهن جي غيبت ڪئي هُئي، جيڪڏهن اُن کي خبر پئجي وئي تہ؟

**غيبت** کان توبهہ ڪري وٺڻ کان پوءِ ”مُغْتَاب“ يعني جنهن جي **غيبت** ڪئي هئي، جيڪڏهن ان کي خبر پئجي وڃي تہ پوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي! ان سلسلي ۾ منهنجا آقا اعليٰ **حضرت** اِمامِ اهلسنّت مولانا شاهہ احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **فتاويٰ رضويہ جلد** 24 صفحي 411 تي لکن ٿا تہ ”رَوضَةُ العُلَمَاء“ ۾ آهي: مون **حضرت** اَبُو محمّد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان پڇيو تہ جيڪڏهن **غيبت** ان شخص تائين نہ پهچي جنهن جي **غيبت** ڪئي وئي هئي تہ **غيبت** ڪرڻ واري جي لاءِ توبهہ فائديمند ٿيندي يا نہ؟ انهن فرمايو: ها. (**فائديمند ٿيندي**) ڇو تہ ان ٻانهي جي حق جي مُتَعلّق ٿيڻ کان اڳ توبهہ ڪري ورتي آهي **غيبت** ٻانهي جو حق (يعني **حُقُوقُ العِبَاد** ۾ شامل) ان وقت ٿيندي، جڏهن ان تائين پهچي، مون پڇيو تہ جيڪڏهن توبهہ ڪرڻ کان پوءِ ان شخص تائين **غيبت** پهچي وڃي؟ فرمايائون تہ پوءِ ان جي توبهہ بَاطل نہ ٿيندي، بلڪ **الله** ڪريم انهن ٻنهي کي بخشي ڇڏيندو. **غيبت** ڪرڻ واري کي توبهہ جي ڪري ۽ جنهن جي **غيبت** ڪئي وئي هئي ان کي ان تڪليف جي ڪري جيڪا ان کي **غيبت** ٻڌي ڪري ٿي آهي، ڇو تہ **الله**پاڪ ڪَرِيم ۽ رَحِيم آهي، ان جي متعلق اهو نہ ٿو چئي سگهجي تہ هو ڪنهن جي **توبهہ قبول** ڪري رد فرمائي ڇڏي، بلڪ ٻنهي کي بخشي ڇڏيندو. (مِنح الرّوض لِلقاري ص 440)

ڈر تھا کہ عصیاں کی سزا، اب ہو گی یا روزِ جزا
دی اُن کی رحمت نے صدا، یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں

(حدائقِ بخشش،ص 110)

# جنهن جي غيبت ڪئي وئي ان ڪي خبر پئي۔۔۔۔۔۔۔۔۔۔پوءِ مري ويو

امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ”جنهن جي غيبت ڪئي (ان ڪي خبر پئجي وئي ۽ پوءِ) اهو مري ويو يا غائب ٿي ويو ان ڪان ڪيئن معافي گهري؟ اهو معاملو تمام ڏکيو ٿي ويو! ان ڪري هاڻي ان کي کپي ته تمام گهڻيون نيڪيون ڪري ته جيئن قِيامت جي ڏينهن جيڪڏهن ان جون نيڪيون غيبت جي بدلي ۾ ڏنيون وڃن ته پوءِ به ان وٽ ڪجهه باقي رهن. (رَدُّ المُحتار ج9 ص 677)

**حڪايت:** حضرت سيّدنا شيخ عبدُالوَهّاب شَعرَانِي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ نقل ڪن ٿا: منهنجو ياءُ اَفضَلُ الدِّين رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائي ٿو: نيڪ عمل وڏيڪ ڪريان ٿو ته جيئن قيامت جي ڏينهن مون وٽ عملن مان ڪجهه نه ڪجهه هجي، جيڪي انهن کي ڏنا وڃن جن جو منهنجي ذِمّي (حُقُوقُ العِبَاد جي تعلق سان) مال يا عزت جو ڪجهه مطالبو هجي.

(تَنبِيہُ المُغتَرِين ص 191)

بازارِ عمل میں تو سودا نہ بنا اپنا سرکار! کرم تجھ میں عیبی کی سمائی ہے

(حدائقِ بخشش،ص192)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## هاءِ نفس جي شامت

هاءِ! افسوس! افسوس! غَفلت جو اثر ۽ گناهن جي عادت ڪيڏانهن وڃي، جيڪو نَفس جي شامت جي سبب بي انداز ماڻهن جي غيبت

ڪري چڪو هجي، مُئل يا غير حاضر ماڻهن جي ڳالهه ته پري رهي، جاڻڻ سڃاڻڻ جي باوجود صرف شرمساريءَ جي سبب معافي گهرڻ کان ڪيٻائيندو هجي!افسوس! افسوس! افسوس! جيڪڏهن قِيامت جي ڏينهن ڪيترائي حقدار نيڪيون وٺڻ ۽ پنهنجا پنهنجا گناهه اسان جي ڪاتي ۾ لکرائڻ لاءِ سَندرو ٻڌي بيهي رهيا ته ڇا ٿيندو؟ افسوس ! افسوس! افسوس! صدقي يَارَسولَ الله!

تجھے ہرگز گوارا ہو نہیں سکتا کہ محشر میں جہنّم کی طرف روتا ہوا تیرا گدا نکلے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دنيا ۾ ئي معاف ڪرائڻ ۾ عافيت آهي

اسان جي پياري پياري آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عِبرت نشان آهي: جنهن جي ذمي پنهنجي ڀاءُ جي عزت ۽ آبرو وغيره ڪنهن ڳالهه تي ظُلم ڪيل هجي ته ان تي لازمي آهي ته هتي ئي (يعني دنيا ئي ۾) معاف ڪرائي ڇڏي، اهو وقت اچڻ کان اڳ جو اُتي نه دينار هوندا ۽ نه درهم جيڪڏهن ان وٽ ڪجهه نيڪيون هونديون ته ان جي حق جي برابر هن کان وٺي هُن کي ڏنيون وينديون نه ته اُن جا گناهه هن تي رکيا ويندا.

(صَحيح بُخاري ج 2 ص 128 حديث 2449)

## بهتان جي تعريف

ڪنهن شخص جي موجودگي ۾ يا غير موجودگي ۾ ان تي ڪوڙ هڻڻ کي بُهتان چيو ويندو آهي. (اَلحَدِيقَةُ النَّدِيَّة ج2، ص200) ان کي آسان لفظن ۾ ائين سمجهو ته برائي نه هئڻ باوجود جيڪڏهن پرپُٺ

(غيرموجودگي ۾) يا سامهون (موجودگي ۾) ان ڏانهن برائي مَنسُوب ڪيائين تہ اهو **بُهتان** ٿيو. مثال طور: پرپٺ يا سامهون ان کي رياڪار(ڏيکاءُ ڪندڙ) چيائين ۽ هُو رياڪار(ڏيکاءُ ڪندڙ) نہ هجي، يا جيڪڏهن هجي بہ تہ ان وٽ ان جو ڪو ثبوت نہ هجي، ڇو تہ رياڪاري جو تعلُّق **باطني** (لِڪل) **مرض** سان آهي، لِهٰذا اهڙيءَ طرح ڪنهن کي رياڪار چوڻ بهتان آهي.

## بهتان کان توبه جو طريقو

**بُهتان کان توبهہ** ڪري هن توبهہ ۾ ٽن ڳالهين جو هئڻ ضروري آهي: ﴿1﴾ آئنده بُهتان کي ڇڏي ڏيڻ جو پڪو ارادو ڪري ﴿2﴾ جنهن جو حق ضايع ڪيو آهي، تي سگهي تہ ان کان معافي وٺي. مثال طور: حقدار زنده ۽ موجود آهي ۽ پڻ معافي گهرڻ سان ڪو بہ جهڳڙو يا عَداوت پيدا نہ ٿيندي﴿3﴾ (جن) ماڻهن (جي سامهون بُهتان هنيائين انهن) جي سامهون پنهنجي ڪُوڙ (يعني بهتان) جو اقرار ڪري يعني اهو چئي تہ جيڪو مون بهتان لڳايو هو ان جي ڪابہ حقيقت ناهي. (اَلحَدِيقَةُ النّدِيَّة ج2 ص 209) عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مڪتبةالمدينہ جي 312 صفحن تي مُشتَمل ڪتاب بهار شريعت حصي 16، صفحي 181 تي صدرُالشّريعہ، بدرُالطريقہ حضرت علامہ مولانا محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: بهتان جي صورت ۾ توبهہ ڪرڻ ۽ معافي گهرڻ ضروري آهي بلڪ جن جي سامهون بُهتان هنيو آهي انهن وٽ وڃي اهو چوڻ ضروري آهي تہ مان ڪوڙ چيو هو، جيڪو فلاڻي تي مون بهتان

هنيو هو. (بہارشریعت ، 181/3، حصہ:16) نفس جي لاءِ يقيناً اهو ڏاڍو ڏکيو (عمل) آهي، پر دنيا جي ٿوري ذلت ڪٽڻ آسان، پر آخرت جو معاملو انتهائي مشڪل ۽ پيچيده آهي خدا جو قَسم! دَوزخ جو عذاب برداشت نہ ٿي سگھندو. لهذا پڙهو ۽ ڏڄو:

## بهتان جو عذاب

**سرڪارِ عالي وقار مديني جي تاجدار** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو ڪنهن مسلمان جي برائي بيان ڪري، جيڪا ان ۾ نہ هجي تہ ان کي **الله** پاڪ ان وقت تائين دوزخين جي گپ، پُونءِ (يعني گند) ۽ رَتَ ۾ رکندو جيستائين هو پنهنجي چيل ڳالھ مان نہ نڪري اچي.
(ابوداود، 427/3، حديث:3597)

## گناه جي الزام جو عذاب

**ماڻهن تي گناهن جي** تُهمت لڳائڻ وارن جي عذاب جي هڪ دل کي ڏڪائيندڙ روايت ٻڌو جيئن تہ جنابِ رسالت مآب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن خواب ۾ ڏٺل ڪيترن ئي مَنظرن جو بيان فرمائي اهو بہ فرمايو تہ ڪجھہ ماڻهن کي **زبانن سان لَڙڪايو** ويو هو. مان جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام کان انهن جي باري ۾ پڇيو تہ انهن ٻڌايو تہ هي ماڻهن تي ڪوڙي تهمت (الزام) لڳائڻ وارا آهن. (شَرحُ الصُّدُور ص 182)

## شڪي عادت وارن کي تنبيه

**جيڪي شڪِّي** مِزاج (شڪ واري عادت رکندڙ) عورتون پنهنجي مَردَن تي تهمتون هڻنديون آهن ۽ اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪنديون آهن

تہ ۞ ڪنهن عورت جي چڪر ۾ آهي ۞ سڀ پئسا ان کي ڏئي ٿو، ائين ئي جيڪي وهمي مرد آهن (اُهي) پنهنجي عورتن تي اهڙي طرح گناهہ جون تهمتون لڳائيندا آهن ۞ هوءَ ڪنهن سان نهيل آهي ۞ پنهنجي يار کي فون ڪندي آهي ۞ ان سان ملندي آهي ۞ خراب ڪم ڪرائيندي آهي وغيره، انهن کي بيان ڪيل **گناهہ** جو **اِلزام** لڳائڻ جي عذاب بابت روايت کان عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي، هن سلسلي ۾ عبرت انگيز حڪايت پڙهو:

## عورت تي تهمت لڳائڻ جي تباهي

**حضرتِ علامہ جَلالُ الدِّين سيوطِي شافعي** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **شرحُ الصّدور** ۾ نقل ڪن ٿا: هڪ شخص خواب ۾ جَرِير خَطَفي کي ڏٺو تہ پڇا ڪئي: مَافَعَلَ الله بِکَ؟ يعني **الله پاڪ** توهان سان ڪهڙو معاملو ڪيو؟ تہ انهن ٻڌايو: منهنجي مَغفرت ڪري ڇڏي. مون پڇيو: مَغفِرت جو سبب ڪهڙو ٿيو؟ چيائين: اُن تَڪبِير جي چوڻ سبب جيڪا مون هڪ جهنگ ۾ چئي هئي. مون پڇيو: فَرَزْدَق جو ڇا ٿيو؟ تہ انهن ٻڌايو: افسوس پاڪدامن عورتن تي تُهمت لڳائڻ جي ڪري اهو تباهہ ٿي ويو. (شَرحِ الصُّدور ص 285، البداية والنّهاية ج6 ص 409)

**افسوس! افسوس! افسوس!** اسان تہ خبر ناهي زندگي ۾ ڪيترن تي بهتان هنيا هونداسين! **افسوس!**

جی چاہتا ہے پھوٹ کے رووں ترے غم میں ۔۔۔ سرکار! مگر دل کی قساوت نہیں جاتی

(وسائلِ بخشش،ص382)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هڪٻئي کي غيبت کان بچائڻ جو طريقو

اي **عاشقانِ رسول**!جن جن خوش نصيبن جو اهو ذهن بڻجي رهيو هجي ته اسان کي **غيبت** جي مُوذِي مَرض کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوششون تيز ڪرڻيون آهن ته اهي پاڻ ۾ طئي ڪري وٺن ته اسان مان جيڪڏهن مَعَاذَالله ڪو **غيبت** شروع ڪري ته جيڪو موجود هجي، اهو پنهنجي طاقت آهر زبان سان روڪي ۽ توبه ڪرڻ جو چوي، اوّل ۽ آخر صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! چئي ڪري دُرود شريف پڙهائڻ سان گڏ چوي ته تُوبُوا اِلَي الله ! (يعني **الله پاڪ** جي طرف توبه ڪريو) اهو ٻڌي ڪري **غيبت** ڪرڻ وارو چئي: اَستَغفِرُالله (يعني مان الله پاڪ کان بخشش چاهيان ٿو) اِن شَاءَالله لڪريم اهڙي طرح **هٿون هٿ توبه** جي سعادت ملي ويندي. جنهن ۾ **غيبت** ڪندي نه ٻڌو هجي انهن کان احتياط ڪرڻ ضروري آهي، آواز ۽ انداز اهڙو نه هجي جو جن کي خبر نه هئي انهن کي به خبر پئجي وڃي ته فلاڻي مَعَاذَالله غيبت ڪئي آهي.

## ڪنهن کي ڪاري رنگ جو چوڻ به غيبت آهي

**اسان جا بُزُرگانِ دين** رَحِمَهُمُ اللهُ عَلَيْهِم توبه جي مُعَاملي ۾ بلڪل شرمائيندا نه هئا، جيئن ته حُجّةُ الاِسلام **حضرت اِمَام** محمّد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل فرمائن ٿا: **حضرت امام** اِبن سِيرِين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ شخص جو تَذڪِرو ڪندي فرمايو: **اهو ماڻهو ڪاري رنگ جو آهي**

پوءِ فرمائون: اَستَغفِرُاللّٰه يعني: مان الله پاڪ کان بخشش طلب ڪريان ٿو مان سمجهان ٿو تہ مون ان جي **غيبت** ڪئي آهي. (اِحياءُ العُلوم ج3 ص 178)

## شرم ڪي ڇڏي جلد توبہ ڪرڻ گهرجي

**اي عاشقانِ اولياء!** اسان جي بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جو خوف خدا مرحبا! ايتري زَبردست بُزُرگ فوري طور سيني جي سامهون توبهہ ڪري ورتي، هن ۾ اهو بہ درس مليو تہ خدانخواستہ ڪڏهن ماڻهن جي سامهون **غيبت** وغيره گناهہ ٿي بہ پوي تہ احساس ٿيندي ئي بغير شرمائي سيني جي سامهون توبهہ ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن بعد ۾ اِحساس ٿي ويو ۽ توبهہ ڪيائين تہ جن جن جي سامهون **غيبت** جو گناهہ ٿيو، انهن کي پنهنجي توبهہ جو اطلاع ڏنو وڃي. **توبهہ جو هي قاعدو** ذهن ۾ رکو، جيئن حديثِ پاڪ ۾ آهي: **الله پاڪ جي آخري نبي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عبرت نشان آهي: جڏهن توهان کو گناهہ ڪيو تہ توبهہ ڪيو اَلسِّرُّبِالسِّرِّ وَالْعَلَانِيَةُ بِالْعَلَانِيَةِ يعني لِڪل گناهہ جي لِڪل توبهہ ظاهر گناهہ جي ظاهر توبهہ .
(اَلمُعجَمُ الكبِيرِ لِلطَبراني ج20 ص 159 حديث 331)

**هن حڪايت** مان اها بہ خبر پئي تہ شَرعي اِجازت کان سواءِ پَرپُٺ ڪنهن مسلمان جا جسماني عيب بيان ڪرڻ مثال طور: ❁ ڪارو ❁ پُورو ❁ بَدصُورت ❁ ڪوڙهہ وارو ❁ گنجو ❁ ٽلهو ❁ ڏگهو ❁ بِندرو ❁ ڪاڻُو ❁ انڌو ❁ ٻوڙو ❁ گونگو ❁ هڪ اک وارو ❁ ٽيڏو ❁ لُولُو ❁ مَندو ❁ڪُبڙو چوڻ **غيبت** آهي. ڪي **اسلامي ڀائر** ڪاري رنگ وارن **اسلامي ڀائرن** کي بِلالي چوندا آهن، بنا ضرورت جي اهو بہ نہ چيو وڃي پرپُٺ چوڻ سان **غيبت** ۾ شمار ٿيندو، جو تہ

جنهن کي ”بلالي“ جي مرادي معنيٰ جي خبر هوندي يعني جيڪو سمجهندو هوندو تہ مان ڪارو آهيان ان ڪري مونکي ”بلالي“ ٿا چون تہ انکي برو لڳي سگهي ٿو، ها جيڪڏهن ڪنهن خاص اسلامي ڀاء جي سڃاڻپ ئي بلالي آهي تہ ان نيّت سان بلالي چوڻ ۾ ڪوبہ حرج ناهي .

## گناه ٿيندي ئي جلد توبه ڪرڻ واجب آهي

**حضرت سيّدنا** امام نَـوَوِي رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه کان منقول آهي تہ جيئن ئي گناهہ ٿئي تہ جلد ئي توبهہ ڪرڻ واجِب آهي، ڪٿي صَغِيره گناهہ ئي چونہ ٿئي.(شرح مسلم للنووی، ص59)

## ڪنهن جي ڳاله غيبت نہ هئي پر اوهان غيبت چئي ورتي تہ ؟

**ڪنهن ڳالهہ کي** گناهہ واري **غيبت** قرار ڏيڻ جي لاءِ معلومات هئڻ ضروري آهي. جيڪڏهن اوهان بنا سوچڻ سمجهڻ جي ڪنهن جي ڳالهہ کي **غيبت** چئي ڇڏيو ۽ ان جي مُرتَڪِب کي گنهگار قرار ڏئي ڇڏيو ۽ اهو گنهگار نہ هو تہ ان صورت ۾ اوهان گنهگار ٿيندؤ ۽ توبهہ ان تي نہ، پر اوهان تي واجب ٿي ويندي! بهرحال پاڻ ۾ اهو فيصلو ڪري ڇڏيو تہ جيڪڏهن **غيبت** نہ بہ ٿي رهي هجي پوءِ بہ ڪنهن غلط فهمي جي ڪري تُـوبُـو اِلَي الله چـئي ورتـائين تـہ بہ اسان ”**جهڳڙي واري**“ ڪيفيت پيدا ٿيڻ نہ ڏينداسين، نہ تہ شيطان کي ٻين طرف کان يعني ويڙهائڻ ۽ دلين ۾ بغض ۽ ڪينو وجهڻ سان گناهہ ڪرائڻ جو موقعو هٿ اچي ويندو.

## جهيڙي کان بچڻ جي فضيلت

**خدانخواسته،** ڪڏهن به به اسلامي ڀائر وڙهي پون ته موقعو ڏسي ٿيون وڏي آواز سان چئي: صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب ٻئي دُرود شريف پڙهندي صُلح ڪري وٺن. جيڪو حق تي هئڻ باوجود جهيڙو نه ٿو ڪري ته ان جو اِنْ شَآءَ اللّٰه لڪريم بيڙو ئي پار آهي. سلطانِ مدينه صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ جنّت نشان آهي ته جيڪو حق تي هئڻ باوجود جهيڙو نه ٿو ڪري مان ان جي لاءِ جنّت جي (اندروني) ڪناري ۾ هڪ گهر جو ضامن آهيان . ( ابوداؤد، 332/4، حديث:4800)

## اَستَغفِرُالله جي فضيلت

ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ هر طرح جي گناهه، بلڪ ناپسنديده حرڪت **مثال طور**: اجائي ڳالهه تي وچڻ تي بلڪ موقعي جي مناسبت سان بلاعنوان به وڏي آواز سان اول ۽ آخر صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب سان گڏ تُوبُوا اِلَي الله چئي ڇڏڻ گهرجي، جو ته هر وقت توبهه اِستِغفَار ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي . فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: مَنِ اسْتَغْفَرَ اللهَ غَفَرَلَه يعني **جيڪو الله پاڪ کان اِستِغفَار** (يعني طلبِ مغفرت) ڪندو **الله** پاڪ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو. (اَستَغفِرُالله چوڻ به استغفار يعني مغفرت طلب ڪرڻ آهي).(ترمذی،288/5،حديث:3481)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## توبہ جا ٽي رڪن

**البتہ گناھ** ٿيو هجي تہ ان جي رڳو رسمي توبھ ڪافي ناهي. عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي **مڪتبة المدينہ** جي ڪتاب "**بياناتِ عطاريہ**" (480صفحا) حصي اوّل جي صفحي 79 تي آهي تہ صدرُالافاضل **حضرت** علامہ مولانا محمّد نَعِيمُ الدِّين مُراد آبَادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: توبھ جو اصل رُجُوع إلي الله (يعني الله ڏانهن رجوع ڪرڻ) آهي ان جا ٽي رڪن آهن. ﴿1﴾ گناھ جو اقرار ﴿2﴾ شرمندگي ﴿3﴾ عزمِ ترڪ (**يعني هن گناھ کي ڇڏي ڏيڻ جو پڪو ارادو**) جيڪڏهن گناھ قابلِ تلافي هجي تہ ان جي تلافي (يعني نقصان جو بدلو) بہ لازمي آهي. **مثال طور** : **تَارِكُ الصلوة** (يعني بي **نمازي**) جي لاءِ پوئين نمازن جي قضاء بہ لازمي آهي. (خزائن العرفان ص12)

## سيئي غيبت کان بچڻ جي ترڪيب ڪن

**سڀ مسلمان،** تمام **عاشقانِ رسول** ۽ ان سان گڏ **دعوتِ اسلامي** جي تمام مجلسن جا اراڪين، مُبَلِّغين، مُدَرِّسين، طَلبہءِ علمِ دين، مُعَلِّمين، مُتَعَلِّمين ۽ مدني قافلن جا مسافر وغيره **غيبت** جي بچڻ جي متين طريقن تي عمل ڪن تہ انهن جي لاءِ إن شَاءَالله رَحمَتُون ئي رَحمَتُون، ۽ مَغفِرتُون ئي مَغفِرَتُون ٿينديون. **ياالله پاڪ!** مسلمانن کي بدگمانين، **غيبتن**، تهمتن، چغلين، دل آزارين وغيره گناهن کان محفوظ فرماءِ. **ياالله پاڪ** اسان جي پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري اُمت جي مغفرت فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُعاءِ عطار

**يَاربّ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪو به اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ، پاڻ وٽ ”هڪ ٻئي کي **غيبت** کان بچائڻ جو طريقو“ رائج ڪري ان جي ۽ جيڪو جيڪو ساٿ ڏئي انهن سڀني جي **غيب کان مدد** فرماءِ انهن سڀني جي **غيبت** ۽ هر گناهه کان حفاظت فرمائي ڪري انهن جي دلين ۾ پنهنجي ۽ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي **سچي محبت** پري ڇڏ. انهن سڀني کي **جنّتُ الفِردَوس** ۾ بنا حساب جي داخل فرمائي ڪري پياري حَبِيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڙي ۾ آباد ڪر ۽ اهي سڀ دعائون مون گنهگارن جي سردار جي حق ۾ به قبول فرماءِ. **يااللّٰه پاڪ** اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري اُمت جي **مَغفِرت فرماءِ**.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

خدایا اَجل آ کے سر پر کھڑی ہے ۔۔۔ دکھا جلوہ مصطفٰے یا الٰہی
مسلماں ہے عطّار تیری عطا سے ۔۔۔ ہو ایماں پر خاتمہ یا الٰہی

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺيون سُٺيون نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ










عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net